# ٻارن لاء بائبل

## تحفو

# داني ايل ۽ پُراسرارخواب



لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Jonathan Hay
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Mary-Anne S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



بادشاهه نبوڪدنضر هڪ خواب ڏٺو، ۽ اهو خواب کيس تمام گهڻو پريشان ڪيو. خُدا جي قدرت سان، داني ايل بادشاهه کي هُنجي خواب جي معنيٰ ٻڌائي سگهيو.




پهرين شيءِ جيڪا داني
ايل ڪئي هئي اهو خواب
کي بيان ڪرڻ هو. "اي
بادشاهه، توهان هڪ
وڏي مجسمي جي هڪ
وڏي تصوير ڏٺي، ان جي
شڪل ڏاڍي شاندار هئي!"
تنهنجي سمو ۽صورت
ڊاڍهي هيبت ناک هُئ.
3


"مجسمي جو مٿو سون جو ٺهيل هو،" داني ايل ڳالهه کي
جاري رکندي چيو.
4


"ان جو سينو ۽ ٻانهون
چانديءَ جا ٺهيل هئا".
5


"ان جو پيٽ ۽ ران
پتل جا ٺهيل هئا".
6


"هن جون ٽنگون لوهه
جون، پير ڪجهه لوهه
جا، ڪجهه مٽيءَ جا."
7


بادشاهه کي مجسمي جي وضاحت ڪرڻ کان
پوء، داني ايل کيس باقي خواب ٻڌايو.
8


"توهان ڏٺو جڏهن هڪ پٿر هٿن کانسواءِ ويجي نڪتو،" دانيال بادشاهه کي ٻڌايو.
9
"۽ هن بت جي پيرن کي لڳو، جيڪي لوهه ۽ مٽيءَ جا هئا، ۽ انهن کي پچي پرزا پرزا ڪري ڇڏيائين."
10
"پوءِ بُت پُرزا پُرزا ٿي پوه وانگر ٿي ويو ۽ واءُ کين اُڏاري ويو." داني ايل وقفو ڪري ٿو. "۽ اهو پٿر جنهن بُت کي ٽوڙيو، اهو هڪ وڏو جبل بڻجي ويو ۽ سڄي زمين تي پکڙجي ويو."
11
بادشاهه حيران ٿي ويو. اهو ئي هو جنهن جو هن خواب ڏٺو هو! داني ايل اهو ڪيئن ڄاڻي سگهيو؟ صرف، ڇاڪاڻ ته خُدا داني ايل کي چيو. پوءِ داني ايل بادشاهه نبوڪدنضر کي ان خواب جو مطلب ٻڌائڻ لڳو جيڪو هن ڏٺو هو.
12
"اي بادشاهه، تون اهو شهنشاهه آهين جنهن کي آسمان جي خُدا بادشاهي ۽ طاقت ۽ قُدرت ۽ شان ڏنو آهي."
دانيال بادشاهه کي ٻڌائي ٿو. ته "هو سون جو مٿو توهان آهيو."
13
داني ايل بادشاهه کي ٻڌايو ته سندس سوني بادشاهي ختم ٿي ويندي. مجسمي جي چاندي جو مطلب اهو هو ته ڪمزور سلطنت ان جي جاء وٺي ويندي. ڪانسي جي معنيٰ ٻي سلطنت. ۽ لوهه ۽ مٽي چوٿين بادشاهت لاء بيٺو هو.
پهرين سلطنت
ٻي سلطنت
ٽين سلطنت
چوٿين سلطنت
14

آخري شيء جيڪا داني ايل بادشاهه کي ٻڌايو ته "آسمان جو
خُدا هڪ بادشاهي قائم
ڪندو جيڪا ڪڏهن
به تباهه نه ٿيندي."



15

بادشاهه تسليم ڪيو ته
صرف خُدا داني ايل کي
پنهنجي خواب کي ڄاڻڻ ۽
سمجھڻ جي حڪمت ڏني
سگھي ٿو. نبوڪدنضر داني
ايل کي دولت سان نوازيو ۽
ڪيس بادشاهي ۾ هڪ
تمام اهم ماڻهو
بڻائي ڇڏيو.



16



پهرين، ٻي ۽
ٽين سلطنتون
آيون ۽ هليون
ويون.
خُدا جي
بادشاهي
چوٿين ڪان
پوء ايندي.

مسيح
دنيا
تي حڪومت
ڪندو ۽ اهو
جلد ئي ٿيندو.

17

داني ايل ۽ پُراسرار خواب

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

داني ايل ٢

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

18




32 60

19

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانڪي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۀ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۀ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڌيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.

20